
''چنڊ لهي تون مون وٽ آءُ،
آئون پريندس تنهنجي دل جو،
ڪارو گهرو گهاءُ.''



ڀوُڳُٽي فنڪار

گووَرڌن ''ڀارتي''

راجستان جا رچناڪار

پيشڪش ٢

گوَرڌن محبوباڻي ''ڀارتي''

جنم : ١٣ جنوري ١٩٢٩ آراضي (سنڌ-پاڪستان)



فن ۽ شخصيت

سمپادڪا :

ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي

ڇپائيندڙ :

راجستان سنڌي اڪادمي، جئپور

گوورڌن ڀارتي: فن ۽ شخصيت

اَداڪاري :

1- هيوُبرٽ ۽ آرٽر (سنڌي)
2- فئشنبل پتني (سنڌي)
3- چٽ نہ چماٽ، وچئون
بي وات (سنڌي)
4- ڪشور موهني (سنڌي)
5- قاتل مُسافر (سنڌي)
6- راجا هرشچندر ۽تارامٽي
(سنڌي)
7- متوالي مَنجوُ (سنڌي)
8- مُومل راڻو (سنڌي)
9- ليليٰ مجنوُ (سنڌي)
10- هِٽلر (سنڌي)
11- جهانگير جو اِنصاف (سنڌي)
12- گهر جا مالڪ (سنڌي)
13- ڪٺن راھ (سنڌي)
14- دنيا پئسي ڪي (هندي)
15- سينا (هندي)
16- گهر ڪي مالڪ (هندي)

آڊيو ڪئسيٽ :

1- لعلڻ سائين جهوُلڻ سائين
(Tips)
2- تارڻ وارا جهوُلڻ سائين
(Tips)
3- لاڏو لاڏِي آڻيندو (Weston)
4- گلڙن جا گيت
5- او صنم

هدايتڪار :

1- ڪشور موهني (سنڌي)
2- ڪٺن راھ (هندي)
3- عمر مارئي (سنڌي)
4- سورٺ (سنڌي)
5- دنيا پئسي ڪي (هندي)
6- سينا (هندي)
7- جهانسي ڪي راني (هندي)
8- لکنو سميلن ڏانهن (سنڌي)
9- پاڙي جي وَڏڙي (سنڌي)
10- ٽي پارٽي (هندي)
11- گڙيا چلي (هندي)
12- گهر ڪي مالڪ (هندي)
13- گهر جا مالڪ (سنڌي)
14- ولايت جو سئر (سنڌي)
15- پڙهائي اور پريڪشا (هندي)
16- جنگ اور شانتي (هندي)
17- ڪون هئہ وَهہ (هندي)

گيتڪار (فلمون) :

1- جهوُلي لعل
2- لاڏلي
3- سنڌوءَ جي ڪناري
4- هوجمالو
5- شل ڏيئر نہ چمن
6- ڀڳت ڪنوررام
7- هل تہ ڀڄي هلون
8- اَمر اُڏيرولعل
9- اُڏيرو اَوتار

سمپادڪيہ .....

راجستان سنڌي اڪادمي توهانجي سهڪار ۽ پنهنجائپ سان سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيہ جي ڏس ۾ گوناگون ڪم ڪندي هاڻي راجستان ئي نہ ڀارت ۾ ناموس حاصل ڪري اِندور ۾ ٿيل اِنٽرنيشنل سنڌي سيمينار ۾ وارو وڄائي چڪي آهي. اڪادميءَ پاران ”سنڌوُ رتن“ جو خطاب اڄ تائين اُنهن مانوارين هستين کي عطا ڪيو ويو آهي، جنجي حياتيءَ جو هر پل ٻين لاءِ آهي، سماج لاءِ آهي، ديش لاءِ آهي. جنجي ڪري ئي اڪادمي يا اهڙين سنسٿائن جو وجود آهي. جيڪي سِياست ۾ بہ اوُچو مُقام رکن ٿا. اِنڪري سچ پچ اُهي ”سنڌوُ رتن“ جا حقدار آهن. پر ساهت، ڪلا، سنگيت معرفت جيڪي نور نِچوئي راتين جي ننڊ ڦِٽائي ٻوليءَ جي شيوا ڪن ٿا، اُهي بہ سنڌوُ رتن آهن. جڏهن مون ميٽنگ ۾ گوورڌن ڀارتيءَ لاءِ رٽ ڏني ۽ سندر آگناڻيءَ ٽيڪو ڏنو تہ باوجود ٻين نالن جي يڪراءِ هن نالي تي فيصلو ٿيو، جنهن لاءِ ميمبر صاحبان ۽ نوجوان اُتساهي صدر صاحب ڊاڪٽر لال ٿڏاڻي داد جا مستحق آهن، جو پهريون دفعو هڪ سچي ڪلاڪار کي ”سنڌوُ رتن“ سان نوازڻ جو فيصلو بحال ٿيو. يقينن هن فيصلي جي سڄي ڀارت ۾ دلي آجيان ڪري فخر محسوس ڪيو ويندو.

گوورڌن لاءِ عقيدت جو اِظهار ڪندي ذهن ۾ ترِي آيون آهن نارائڻ شيام جون بہ سٽون :

”ڪري قربان ڇڏجي هوند جنهن تان زندگي سارِي،
اچي ٿي زندگيءَ ۾ ڀاڳ سان هڪ اَڌ گهڙي اهڙِي.“

سچ پچ گوورڌن جهڙي پياري شخص جي ويجهڙائيءَ جي هڪ اَڌ گهڙِي بہ هوند ڀاڳ واري کي ملي. مونکي لڳ ڀڳ ۴۰ سالن کان اهڙا موقعا پئي مليا آهن، جن مان هڪ بہ آهن:

اُن سالن جي ابوجھ ڇوڪريءَ کي سندس پتا روزانو هڪڙي مورتين واري ڪتاب مان ڪو نہ ڪو گيت اَيڪشن سان ڳائي ٻڌائي ۽ اُتا بالڪا ساڳيا گيت اسڪول ۾، مِٺن مائٽن آڏو ۽ آئي وِئي کي ٻڌائي، سڀني جو پيار، واهہ واهي ۽ شاباسِي لُٽي پيئي ٿي. ڇوڪرِي آهي ڪملا، سندس پتا ماسٽر نارائڻداس ۽ ڪتاب آهي گوورڌن ڀارتيءَ جو ”لاٽيون“؛ جي ڪملا جي ذهن ۾ اڄ بہ گونجن ۽ اُن گونجار سان پهرين پنهنجن ننڍن ٻارن-ٻيٽرن، پوءِ پنهنجي

Goverdhan "Bharti" - Fun ain Shakhsiyat

गोवर्धन ''भारती'' - फ़नु ऐं शख़्सियत

Editing:
DR. KAMLA GOKLANI

Year of Publication :
2003

Price :
25.00

Printed by :
Asha Printers (Computers)
Hathi Bhata, Ajmer.
Tel: 2626372

Publisher:
Rajasthan Sindhi Academy
J-7, Subhash Marg, C-Scheme,
Jaipur-1
Tel : 2381399

گوورڌن پاڻ بابت

اڳ هزارن درشڪن جي ڀيڙ ۾ بہ پاڻ کي تنها تنها محسوس ڪندو هوس. هاڻي اڪيلي هوندي بہ هزارن سان رليل مليل آهيان. اڳ ۾ رکي رکي اندر ۾ ڪو خال محسوس ڪندو هوس. اونهو اونهو خال! هاڻي پاڻ کي پريل محسوس ڪندو آهيان. اڳ اڪثر من اشانت رهندو هو، تراڪڙي تلاءَ جي پاڻيءَ وانگر، هاڻي اندر ۾ اونهي ساگر واري ماٺائي لڳي پيئي آهي:

''گهري ساگر جهـــڙي سانت، ميلي جهڙِي هيءَ ايڪانت.''

ڪل ڪانهيم تہ موجوده من - اِستتي ڪيترو وقت هلندي؟

هن وقت مان جسماني طور هڪ ڪنيل ڪپيل، سنهڙو ڏبرو شخص آهيان - هڪ خستہ تن، ٽڪل من، شڪستو اِنسان، مگر ذهني ۽ روحاني طور مون اڃا هار نہ مڃي آهي ۽ نہ مڃيندس. اِن خيال کان مان اڃا ضدي آهيان ۽ ضدي رهندس. اڃا جسم تي ڊاڪٽر جي سرجيڪل چاقوءَ جا چار پنج وار ٿيا آهن، پر جي جسم جي ٻوٽي ٻوٽي ڪپجي وڃي تہ بہ منهنجو روح گهايل نہ ٿيندو. ڏيل پل ڏارون ڏارون ٿئي پر حوصلو سلامت ۽ صحتمند رهندو.



ٻنهي ڪِڪن ۽ هاٿي پائٽن-پائٽين کي ٻڌائي، پيئي ماحول کي گونجائمان ڪري.

چانڊوڪي رات، اناساگر جهيل مٿان ٿهيل سنگمرمرِي بارادري، سنڌو ساهت سنگت جي ماهوار ميٽنگ، کير جهڙي چانڊوڪيءَ ۾ رنگارنگ گيت ڳائيندڙ ڪلاڪار، هارمونيم تبلي ۽ ڍولڪ سان ٻيا ٻه ساز ۽ اُنجو روح روان گوورڌن پارتي. ۽ بابا ٻڌايو ”لاٽيون لڪندڙ هيءُ گوورڌن اٿئي.“ پوءِ سالن تائين هر مهيني ٿيندڙ سنگت جا ميڙ، ساليانِي پڪنڪ، اِسٽيج جا پروگرام، ڪڏهن ناٽڪ، ڪڏهن نارومل-پارومل گيتن جي هدايتڪاري ڪندي، ڏکون پائيندڙ گوورڌن ۽ ڪڏهن پاڻ منچ تي اچي هول سيل حجام جو ڪلائي کيڙو ڪندڙ رول ادا ڪندي گوورڌن.

لڳ ڀڳ ڏيڍ ڏهاڪو اڳ جوڌپور جو راماپير جو ميلو. ماتا آسري بائيءَ تي نرتيه ناٽڪا سميت ٻيا وٽندڙ رنگارنگي اِسم پيش ڪرڻ جي تياري اجمير ۾ ٻن مهنن کان هلي رهي هئي. هزارين ماڻهو بيحد جڳياسا ۽ اُتڪنتا وچان پروگرام ڏسڻ جي اوسيري ۾. پر گوورڌن نظر نٿو اچي. تلاش ڪندي ڳولهي لڌومانس. هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ پنهنجو پاڻ ۾ لين گوورڌن. چيائين، ”نرتيه ناٽڪا رهڻ ڏيو، ڪلاڪار هڪ به گيت ڳائي اچن. مون ته اول ئي پائڻُ رامچند کي منع ڪئي هئي پر سندن اتاه سِڪ آڏو هارائي وينس.“

”پر پئيا، اجا ڪلاڪ پيو آهي، تيسين توهان ٺيڪ ٿي ويندا.“ اِئين هڪ ٻئي شيواڌاريءَ کي سڏ ڪري چيم، ”تون هٿن پيرن تي تيل جي مالش ڪر“ ۽ مان سندس مٿي تي زور ڏيڻ لڳس. اڌ ڪلاڪ ۾ گوورڌن نوبنو ٿي اُٿيو ۽ چيائين ”پروگرام ٿيندو.“ سچ پچ پروگرام بيحد ڪاميابيءَ سان ٿيو.

اجمير جي ڪوينا ڪاربه شالا ڪلاس ۾ فعولن فعولن جو وزن سکياسين. شام جو چانهه سان ڪچوڙِي به ملي. گوورڌن گنگنايو- ڪچوڙِي ڪچوڙِي ڪچوڙِي... اڙي ها! سموسا ۾ به ساڳيو وزن آهي.

اهڙيون ڪئين يادگيريون مون وانگر گوورڌن سان واسطيدارن وٽ محفوظ آهن.

اِئين ڪوي، ڳائڪ، رهبر، آرگنائيزر، اداڪار، ناٽڪ ڪار گوورڌن اڌ صديءَ جو عرصو سنڌي جڳت کي عطا ڪيو؛ ان تي مرڪوز آهي راجستان جا رچناڪار ”سيريز جي پيشڪش-2.“ -ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي

شري آسومل نالي لائق ماستر جي گهر ۾ جنم ورتل گووَرڌن جي جنم جو نالو گرڌاري هو، پر مائٽ کيس گووَرڌن ڪري پڪاريندا هئا. مطلب ته ساڳيو آهي. ڀڳوان ڪرشن پلي گووَرڌن پربت ڌارڻ ڪري، گووَرڌن بڻجي يا گرڌارِي، اُن وانگر ئي کيچلو، کلڻو، چلولو، حرڪتي پر راڳ ۽ ناچ سان بي پناه محبت رکندڙ. ورثي ۾ مليل سنگيت ۽ اَداڪاري سندس رڳ رڳ ۾ سمايل آهي. محض ڇهن ورهين جي الهڙ عمر ۾ يڪتارو هٿ ۾ کڻي اِسڪول جي اِسٽيج تي هن صُوفي ڪلام ڳاتو. پوءِ آراضيءَ مان ٽِلٽيءَ ويو ۽ پڙهائي ڪندي وڏ گهراڻن عالمن جي سنگ ۾ نچڻ سِکي، ساز ۽ سنگيت سان نرتيه ڪندي ماڻهن کي موهيو. هڪ سال بعد ورِي حيدرآباد جي گرداسمل هندوُ هاءِ اِسڪول ۾ داخل ٿيو. جتي تعليم دوران ناٽڪن ۾ ڀاڱ وٺي اِسڪول جي اِسٽيج تي آرٿر، روهت، تارامٽِي ۽ مؤمل بڻجي اهڙِي ته دلسوز ائڪٽنگ ڪندو هو، جو درشڪن کي روئاري ڇڏيندو هو. سنه 1946ع ۾ هن مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ ٻيون نمبر آيو. سندس پتا جي مرضي پٽ کي ڊاڪٽر يا اِنجنيئر بڻائڻ جي هئي پر وڏو ڀاءُ کيس هڪ مهان ڪلاڪار جي روپ ۾ ڏسڻ جو خواهشمند هو. ڪي سال بيمار هجڻ ڪري حيدرآباد ڇڏي وڏي ڀاءُ وٽ لاهور ويو. ڊاڪٽرن نچڻ ڳائڻ ۽ هٿپٽ ڪرڻ کان سخت منع ڪيس. بستري تي آرام ڪندي ٽئگور، شرت، پريمچندر، سندرشن وغيره جا ڪتاب پڙهندي، منجهس ساهتيه لاءِ چاهه جاڳيو.

ورهاڱي سبب لاهور ۾ فساد ٿيڻ لڳا، اِنڪري گووَرڌن گهر جي ڀاتين سان گڏ اجمير آيو. ڪجهه وقت اِسڪول ۾ ماستري ڪري پوءِ ريلوي ۾ ڪلارڪ بڻيو. گڏوگڏ راتِري ڪلاسن ۾ پڙهائي ڪندي، آگرا يُونيوَرسٽيءَ مان 1952ع ۾ بي. اي. پاس ڪئي. ان کان اڳ پنجاب يونيورسٽيءَ مان 80 سيڪڙو مارڪن سان ”پرڀاڪر“ رهندي اِمتحان پاس ڪيو. هن سڄو جيون ساهت ۽ ڪلا کي ارپڻ ڪيو جڻ اُن سان

”سنڌو رتن“ جي خطاب سان سنمانت ٿيندڙ ساهتيڪار

گووَرڌن ”ڀارتي“

ڪنهن به جاتيءَ جي زنده رهڻ لاءِ اُن جو شخصيت پرست هئڻ ضروري آهي. اهم شخص ئي تواريخ کي اڳيان وڌائي سگهندا آهن ۽ اُن تي پنهنجي اَمِٽ ڇاپ ڇڏي سگهندا آهن. سنڌي جاتيءَ پڻ اهڙين انيڪ شخصيتن، مهان ليکڪن ۽ ڪلاڪارن کي جنم ڏنو آهي. جن پنهنجي ذاتِ ۽ ڏانءَ سان لڳن شيل بڻجي، جاتيءَ جو ڳاٽ اوچو ڪيو آهي. سنڌ جي آراضيءِ ڳوٺ ضلع دادوءَ ۾ 13 جنوري 1929ع ۾ جنم ورتل گووَرڌن محبوباڻي ”ڀارتي“ اهڙين ئي عظيم شخصيتن مان هڪ آهي، جنهنجي ناموس جي خوشبوءِ هند سنڌ جون حدون لتاڙي، سڄي دنيا ۾ رهندڙ سنڌين تائين پهتي آهي. هن نه رڳو پنهنجي سُڃاڻپ قائم ڪئي آهي، پر مان-مرتبو پڻ حاصل ڪيو آهي.

سنهڙو، ڏبرو هوندي به سدائين مُرڪندڙ مُکڙو، لطيفا ٻڌائي کِلائيندڙ، گيتن جي گونجار ڪندڙ ايڪانت ۾ پنهنجي دنيا ۾ گم-سُم فلاسافر بڻيل گووَرڌن اسانجي آڏو گوناگون روپن ۾ اچي ٿو. ڪڏهن ڪلاڪارن جو گروپ ساڻ ڪري، گيت، سنگيت ۽ ڊانس-بئلي ذريعي وِندرائيندڙ، ڪڏهن ناٽڪ ذريعي حياتيءَ جي ويڇهو آڻيندڙ، ڪڏهن فلمي گيتڪار جي روپ ۾ ته ڪڏهن ’سور جون سوَ صورتون‘ جهڙي ناول ۽ پيڙا سان سروبار ڪهاڻيون ڪٽي، ڪڏهن ساهتيڪ ورڪشاپ جي ڊئريڪٽر جي روپ ۾ سيکراٽن جي رهبري ڪندي ۽ ڪڏهن وري بي. اي. ۽ ايم. اي. جي سنڌي وشيه جي شاگردن لاءِ سوَلي سمجهاڻيءَ سان روبرو يا آڊيو ڪئسيٽ جي ذريعي پنهنجي ڇاپ ڇڏيندڙ، گهڻ-ڪُندي شخصيت جو مالڪ آهي اسان سڀني جو محبوب فنڪار گووَرڌن ڀارتي.

(1) ڪوِي ۽ گيت ڪار : 17 مؤل ڪويتائن جي مجموعن جي رچنا ڪندڙ پارتي بنيادِي طرح ڪوِي آهي. هن شاعريءَ جي سيني اَهم صنفن تي قلم آزمائِي ڪئي آهي. گيت، وائي، ڏوهيڙا، غزل، نظم، لاڏا، لولي، قومي گيت ۽ نرتيه ناٽڪائن جي اِندلني گوناگونيت ۾ پکڙيل آهي سندس شاعريءَ جو سنسار. حياتيءَ کي چڪريوُه مجي ڪڏهن اَيمنيوُ مثل همت رکي ٿو، ڪڏهن دريوڌن جا داوَ-پيچ ۽ ارجن جي ٽنندڙ آشا جو چِٽ چٽي ٿو. ميلاپ جي مٺڙن لمحن جا نغما هجن يا وڇوڙي جي ڪڏهن نه ختم ٿيندڙ آگ ۾ جلندڙ وِرهٽيءَ جا سُڏڪن پريل سَڏ. ڳائيندڙ جي نس نس، رڳ رڳ انهن کي ڳائي ٿي ۽ ٻڌندڙ اُنجي جادوءَ ۾ منڊجي روح جي راحت محسوس ڪري ٿو. سندس ڪلپنا بيڙي ٻڌجي وڃي ٿي. خواب پتواڙ شرير کي ڏرتي ٻڌائي ڇڏي ته هتن کي هر ۽ نيڻن کي بادل. نتيجن رواجي عڪس ۽ علامتون به غير رواجي اثر ڇڏڻ ۾ ڪامياب وڃن ٿيون. سندس گيت گنگنائڻ وقت محسوس ڪبو آهي، گويا سنگيت جي ديوي پنهنجي سياويڪ ۽ دل کي ڇهندڙ رفتار سان اُڏام پري رهي آهي.

سنڌيءَ جي لڳڀڳ سيني فلمن لاءِ، اِستيج تي ڳائڻ لاءِ، نرتيه ناٽڪائن لاءِ، آڪاشواڻي ۽ دوردرشن جي هنديءِ، سنڌي پروگرامن جي ڳائڻن پاران بيحد چاهه سان سندس گيت ڳاتا وڃن ٿا. انهن ۾ عجيب قسم جي ساراهه جوڳي بي ساختگي آهي، جا گوَرڏن کي سچو شاعر ٻڌائي ٿي.

پيار پريا ڪراچي پل ۽ ميهنديءَ رتڙي ميلاپ جي راتين کي گيتن جي مالها ۾ پوئيندڙ پارتيءَ کي جڏهن پڙاڏي جي روپ ۾ موافق حاصلات نٿي ملي ته سندس ويدنا کي پنهنجي اِظهار لاءِ رج ۽ سُچ ئِي نظر اچي ٿي. گيت گنگنائڻ جي ڪويءَ جي خواهش جو ٽنٽل ساز، ٽڪل آواز، آواره گيت، نرتڪيءَ کي وِش-ڪنيا ۽ ڇم ڇم

ئي شادِي ڪري خود کي گهر گرهستيءَ جي جهنجهٽن کان آجو رکيو. پارتيءَ جي جيون تي سندس وڏن جو چڱو اثر پيو آهي. سندس ماتا جو نندپڻ ۾ ديهانت ٿيڻ ڪري هوُ ڏاڏيءَ وٽ پَليو. جيڪا اِسڪول ۾ هيڊماسترياڻي هئِي ۽ ڳوٺ ۾ زالن کان ڌرمِي ناٽڪ ڪرائيندِي هئِي. پتا آسومل ۽ سيني پائرن پينرن کي ڳائڻ وَڄائڻ، ناٽڪ ڊانس ۽ چترڪارِي ۽ لکڻ جو شونق هو.

هنديِ ساهتيڪارن ۾ پرساد، پنت، نرالا، مهاديوِي ۽ پريمچند، اُردوءَ ۾ غالب، اِقبال، جوش فيض، ڪرشنچندر ۽ فراڪ کان متاثر پارتيءَ جو خواب هو منچ ذريعي سنڌِي سنسڪرتيءَ کي قائم دائم رکڻ جو، جنهنکي ساپيا بڻائڻ لاءِ هن ريلوي جي نوڪريءَ مان والنترِي رٽائرمينٽ ورتِي ۽ ڪڏهن سُڌار سيا تعليمِي سنسٿائن ۾ ڪلچرل پروگرام، ڪڏهن آديپور ۾ ڪنور گروپ تيار ڪرڻ، ڪڏهن ممبئِي وچِي آڊيو ويڊيو ڪئسيٽ تيار ڪرڻ لاءِ پَچ-ڊُڪ، صحت جي ناسازِي نظر انداز ڪندي لڳاتار ڪرم ڪندي، جتي تن ٿڪجِي پيو. اُتي رڪارڊنگ جي دوران سنگيتڪار سِي. ارجن جي اوچتي سرڳواس سندس من کي بہ گهرو صدمو رَسايو ۽ نہ ڄاڻ ڪهڙِي اڻ-تيٺِي تي، جو حياتيءَ جي هرهڪ پل کي سئُوٽو ڪري جيئندڙ، هڪ هڪ منٽ ۾ ڪلاڪن ۽ ڏينهن جون حاصلاتون حاصل ڪندڙ پارتيِ گذريل ڏهاڪي کان نہ ڄاڻ ڇو خاموش آهي، مانُ ۾ آهي. شانت، ايڪانت ۾ لين، بيمارِيءَ جو بهانو ڪري. ايتري قدر جو NCPSL پارت سرڪار پاران سندس شخصيت تي رٿيل قومِي سيمينار لاءِ بہ گهرِي نراشا ۽ اَندرونِي پيڙا سان اُداسينتا ظاهر ڪئِي. 1996ع ۾ رٿيل اهو سيمينار اڃا محمل آهي.

هاڻي سندس شخصيت جي گوناگون رُوپن تي مختصر نظرثانِي:

پارتيءَ جي ڪهاڻين جا ڪردار ڪڏهن آدرشوادي بڻجي ڏک کي ئي سک سمجهي جيئڻ جي ڪوشش ڪن ٿا تہ ڪڏهن حقيقت جي ڌرتيءَ تي لهي ڏک ٺياڳي، سک حاصل ڪرڻ لاءِ ڪشمڪش ڪندا بہ نظر اچن ٿا.

(3) ناٽڪ ڪار ۽ اداڪار : ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌي ساهتيہ کي پهريون اصلوڪو سنڌي ناٽڪ ڏنو، جيڪو دهليءَ ۾ رنگ منچ تي 1960ع ۾ پيش ٿي چڪو آهي. اُن ناٽڪ جو نالو آهي ''بگڙيل گهر.'' هن 'سنت ڪنور رام' عنوان سان هڪ فلمي اِسڪرپٽ بہ لکي آهي. 'طوفان رات' ۽ 'غيرت' نالي ايڪانڪيون بہ لکيل آهن. تنهن کانسواءِ هن شاهہ جي سُرن ئي سورمين تي ريڊيو ناٽڪ لکيا آهن. هن ناٽڪن ۽ فلمن ۾ اداڪار طور بہ سٺو ڪم ڪيو آهي. هوُ هڪ بهترين هدايتڪار بہ آهي.

(4) ناول نويس : گووَرڌن پارتيءَ هڪ ئي ناول لکيو آهي- ''سوُر جون سؤ صورتون.'' حقيقت ۾ هيءُ ناول گهڻا سال اڳ لکيل هو، پر ايڏي وڏي ناول جي اشاعت لاءِ ڪو سنڌي پبلشر تيار ئي ڪونہ پئي ٿيو. آخر ۾ ممبئيءَ جي ناڪر چاولا اِهو ناول ڇپايو، جنهن ۾ هنجي من جي پيڙا جو سمورو اِظهار آهي. حقيقت ۾ هيءُ ناول ڪونهي، پر شاعراڻي ٻوليءَ ۾ لکيل مدار سينيٽوريم جي هڪ مريض جي آتم ڪٿا جو دستاويز آهي. جنهن سنڌي ساهتيہ ۾ چڱي ساراهہ حاصل ڪئي آهي ۽ اِن هڪ ئي ناول پارتيءَ کي ڪامياب ناول نويس جي صف ۾ آڻي بيهاريو آهي.

(5) سمپادن ۽ ترجمو : سنڌي ساهتيہ جي عيوضي مخزن ڪونج جي شخصيت پرچن جي سلسلي ۾ 'نارائڻ شيام' پرچي جو ڊاڪٽر چيتن ڪرناڻيءَ سان گڏ بيحد اثرائتي نموني سمپادڪن ڪيو، جيڪو سنڌي ساهتيہ جو يادگار دستاويز آهي. ترجمي جي ڏس ۾ وري مرڪزي ساهت اڪادميءَ پاران شايع ٿيندڙ پارتيءَ ساهتيہ

ڪندڙ چير کي چل ڪپٽ سمجهي ٿو. ريشمي رات سندس هٿن مان ترڪي وڃي ٿي ۽ جنم وني ٿي ڳهت، بوسات، اپار پيڙا ۽ ڏکھي سانت. نتيجن چنڊ جي زخمن کي پرڻ جو حوصلو رکندڙ پارتي هاٿي چانڊوڪيءَ کي وڏوا سمجهي ٿو.

اِن ڳالھہ خاص ڌيان لهڻو تہ سندس نئين ڪويتا ”سينيٽوريم ۾ هڪ رات“ سنڌيءَ جي پهرين نئين ڪويتا هجڻ جو مقام ماڻيو ۽ ”تنهائي ۽ ڪوڙو دونهون“ کي سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ طرفان اِنعام ڏنو ويو جڏهن تہ ”شيشي جا گهر“ تي 1990ع ۾ مرڪزي ساهت اڪادميءَ جو اِنعام حاصل ڪري هن راجستان جو مانُ مٿاهون ڪيو.

(2) **ڪهاڻي ڪار** : مهاڪوي ٽئگور لاءِ ڪنهن آلوچڪ لکيو هو تہ موُل روپ سان ڪوي هوندي بہ هن جون ڪجهہ اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جي شايد هنجي ڪويتائن کان وڌيڪ اثرائتيون ۽ ياد رکڻ جهڙيون آهن. پارتيءَ جون ڪجهہ ڪهاڻيون بہ ڪافي وقت پاٺڪن جي دل ۽ دماغ تي ڇانيل رهن ٿيون. ڪِردارن سان گڏ پاٺڪ بہ پريم سان پرپور پيڙا ۾ شامل ٿي روئي، سڏڪا پري وري مسڪرائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اِتي ئي اسانکي ليکڪ جي ڌڙڪندڙ دل جي صدا ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.

”پانڌي پراڻو وات نئين“، ”پيلو چنڊ، لال داغ“ ۽ نئي بستي (ٻال ڪهاڻيون) کانسواءِ ڪيترين مخزنن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل پارتيءَ جون ڪهاڻيون بـــ اِن ڳـالھہ جـــون شاهد آهن. مشهور ليکڪ شيام جئسنگهاڻيءَ لکيو آهي، ”گوورڌن رات جي تنهائيءَ ۾ بانسريءَ جي مدهوش سُر وانگر لڳندڙ صرف شاعر ئي ڪونهي، هنجو نثر پڙهي هنجي تڙپ ۽ بي چئني ڏسي لڳو هو تہ سندس جذباتي دل پنهنجي اِظهار لاءِ ڪنهن ذريعي جي تلاش ۾ آهي ۽ اُنهيءَ دوران هنجي رچنا ۾ رچناڪرم موجب رچناڪار جي شخصي چونڊ ۽ شخصيت نہ شامل آهي ئي، پر اُنجو نج پڙلو موجود آهي.“

خطن جا اختصار

ڌاڳا ريشم جا

(ڪي خط گووردن جا، ڪي خط گووردن ڏانهن)

پريه ڪرشن!

۽ وقت مون وٽ محدود آهي. اُن کي نهايت سمجهي سوچي، تڪي توري خرچ ڪرڻو آهي. ڪلچرل پروگرامن لاءِ ڏنل وقت جيڪڏهن ساهتيڪ سرگرمين لاءِ خرچ ڪريان ها ته شايد بهتر ٿئي ها! پر سماج ۽ سنسار ۾ اڪيلو ڪنهن کي جيئڻو ڪونهي. هِن سان گڏ هلڻو آهي ۽ هِن کي ساڻ ڪري هلڻ وقت هِن جي خواهش جو خيال به رکڻو ٿو پوي. لئبم ٿو ته ڏهاڪو سال کن اهڙي سرڪل ۾ گهيرجي وڃڻ هوس جو منهنجي مرضي منهنجي نه رهي هئي. ڪافي ڪجهه هِن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪرڻو پوندو هوم ۽ هِن جي خوشيءَ جي پٺيان، اُنهن هِن شخص کي ڪي پنهنجا مطلب هئا. آرٽ يا ادب جي نه اُنهن کي خاص ڄاڻ هئي ۽ نه پرواهه! اسانجي فن ۽ ڪلا جي روشنيءَ ۾ هنن پاڻ کي چمڪائي، عوام اڳيان پنهنجو اِميج بهتر ڪرڻ ٿي چاهيو.

- گووردن

پريه هريش!

اجمير ۾ تو مون کي هميشه مُرڪندو، ٽهڪ ڏيندو، ڳائيندو ۽ نچندو ٽپندو ڏٺو: ڪڏهن ڪڏهن تون به ساڳئي رنگ ۾ اچي اُجليون ڏيڻ لڳندو هئين. سڄو ٿيو جو تون اهڙيءَ مستيءَ ۾ مستُو هئين، جو ته اِتفاق سان جيڪڏهن منهنجي اندر ۾ ليئو پائين ها ته ڪن پل لاءِ ڇرڪي خاموش ٿي وڃين ها! اُتي توکي نظر اچي ها هڪ اونداهو اُنڌو کوهه!

- گووردن

پياري پارتي،

ٻاهر سان ۽ منهنجي صحت سان به انصافي ڪرڻ نه توهان

جا اڏيندڙ سلسلي جي ڪڙيءَ ۾ مها ڪوي سُورداس جي هندي مونولاگ جو سنڌي ترجمو لاثاني نموني ڪيو آهي. نہ رڳو پڪي پختي چيدي سنڌيءَ جو استعمال، پر سورداس جي رچنائن جو ساڳئي چند ۾، ساڳين خوبين سان ڀرپور شاعراڻو ترجمو مول رچنا جيڏو رس عطا ڪري ٿو. اِهو ڪرشمو پارتي ئي ڪري سگهي ٿو.

سنڌس گيتن کي نہ رڳو هند جي ڳائڻن سُريلي سوز ڀرئي آواز سان سينگاريو آهي، پر سرحد جي هُن پار جي بي مثال ڳائڻي عابده پروين پڻ سنڌس رچنائن کي پنهنجي موهيندڙ آواز سان ڳاتو آهي. خاص ڪري پارتيءَ جي مشهور گيت جون هيءُ سٽون تہ اندر ۾ پيهي ويندون آهن:

جڳ ميڙيا ٿامي جا ٽڪرا
مون ميڙيا گيتن جا موتي

جڏهن منهنجي پياس پڪاريو
ڪجھ تہ پيئاريو ڪجھ تہ پيئاريو

تڏهن سپنن جي ساگر ۾
چنڊ اڇي چانڊوڪي اوتي.

شل چنڊ جي چانڊوڪي سلامت رهي، گيتن جو سمراٽ گوَرڌن پارتي چانڊوڪيءَ جو رس پيئندو رهي ۽ اسين سنڌس گيتن جي رس جون سُرڪيون ڀريندي خزان ۾ بهار، انڌيري ۾ روشني حاصل ڪري، ريتيءَ ۾ بندرابن جو مزو ماڻيندا رهون.

- ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي

پريه گووَرڌن جي،

توهان جو قرب ڀريو خط پڙهي دل تي هڪ عجيب اثر ٿيو ۽ جهوني ماضيءَ کي ياد ڪري اکيون آليون ٿي پيون. عجب آهي جو توهانکي اهڙيون ننڍڙيون ڳالهيون اڃا ياد آهن، جڏهن مونکي توهانجي شڪل به ياد نٿي اچي!

- ريتا شهاڻي (پونو)

پيارا گووَرڌن،

مون لاءِ لکيو اٿيئي ته Slef imposed torure مان سُڪُون ٿو مليئي. سو اڄ ته اِها حالت ڪانهي. هاڻي ڏکن مان ٽڪجي پيئي آهيان. چونديِ آهيان- اُهي زالون جيئڻ جو هنر وڏيڪ ڄاڻن جيڪي سوَ روپين وري ساڙهي يا هزارن جون سون خريدي، محفلن مجلسن ۾ وڏي شان مان سان وڃن ٿيون ۽ خوش ٿين ٿيون. مون لاءِ ته سک اهڙيءَ ڪنهن شيءِ ۾ ڪونهي. تنهنجو منهنجي سياءَ جو ڇيد برابر آهي پر اُهي پنهنجا پراوا سوُر مس-چِٽي وانگر ويس ڇهنديِ! اُها مس-چِٽي وانگر دل هاڻي بچِي به آهي يا نه، خبر ئي نٿي پوي، جڻ بال پين مان ريفل نڪريِ ويو هجي.

- ممي (ڪلا پرڪاش) دبئي

گووَرڌن منهنجا منا ياءُ!

1 آڪٽوبر جو ڏينهن ڏاڍي مزي جو رهيو هوندو. توهانجا ڪيترا ئي دوست سڄڻ آيا هوندا. جيڪي نه آياسين، سي به ڪٿي تصور ۾ پوپٽ بڻجيِ ڦريا هونداسين توسان گڏ. تو آڪاسي پکيئڙي سان گڏ ڪي فٽ ئي سهي، مٿي اُڏاڻا هونداسين.

- سندري اُتمچنداڻي (ممبئي)

ليڪن ۽ شاعرن جو مرڪ آهي، تيسين جيسين ڪو ٻيو توهان سان بي اِنصافي ڪرڻ وارو توهانکي نہ مليو آهي. اُميد تہ سمجهوءَ کي سمجهائڻ جي ضرورت ڪانہ پوندي.

- مايا راهي (ممبئي)

پيارا....

پائي، تو تہ مُنجهائي ڇڏيو آهي، هاڻي خط ۾ توکي لکي بہ ڇا لکان؟ پيارا لعل يا پيارا پاءُ؟ تو پلا ڪهڙي خيال کان مونکي 'ممي' بڻايو آهي؟ اِسٽيج تي ماءُ پٽ جو پارٽ ڪيوسين تہ مان ممي ٿي ويس؟ يا توکي مون مان ماءُ جو پيار ٿو ملي؟

واه ڪلاڪار! تنهنجو بہ جواب ناهي. چوندا آهن: جتي پهچي ڪوِي، اُتي نہ پهچي روِي! پهرين خط ۾ 'ممي' لفظ پڙهي ڇرڪي ويس، پر پوءِ هيڪاري فخر ٿيم تہ پٽ هجن تہ تو جهڙا. ڏس تہ تو ۾ ڪيترا ڳڻ آهن- سنگيتڪار بہ آهين، ڪوِي بہ آهين تہ ڳائيندڙ بہ. هيءَ ماءُ پٽ جي جوڙي بہ پلي! پٽ ڪويتائون لکي ۽ ماءُ اُنهن کي سُر سان سجائي.

- ڪلا هزاري (جئپور)

پيارا پاءُ گوورڌن،

۽ اڙي گوڌوُ! ڳاريون ڏيڻ ڪڏهن کان سِکيو آهين؟ 'ليڊر' هوندين تون - تنهنجو... مان نہ ليڪڪا آهيان، نہ ليڊر- ڪو ڪيئن چوندو، تنهنکري مان اُها ٿي پيس ڇا؟ اِستري بس هڪ اِستري ٿي هوندي آهي، اُن کان وڌيڪ هن کي يا تہ ڦوڪڻي وانگر هوا وجهي ڦوڪيو ويندو آهي يا تہ هوءَ ڏيڏريءَ وانگر پاڻ ڦوڪي وڏو ڪندي آهي پاڻ کي! هڪ پوپٽي ئي سمجهي تہ تون منهنجو پاءُ ٿيو هئين ۽ اڄ پلا ڇا ليڪڪا يا ليڊر سمجهي ٿو لکين مونکي؟

-پوپٽي هيرانندائي (ممبئي)

ٿي اچي. پارٽيءَ سنڌي جاتيءَ جي رڳ رڳ ۾ سمايل پريم آهي ۽ انهيءَ جو ڪي ملهه ملهه لهڻ ڏنو آهي. ڏسڻو آهي ته اساڻي جاتي ڪيئن ڪهڙي موٽ ٿي ڏئي.

-ڊاڪٽر موتي پرڪاش (دبئي)

گوورڌن ڀارتي سنڌي جاتيءَ جو هڪ بهو-مکي ڪلاڪار آهي، جنهن تمام نازڪ صحت پائيندي به انڪت جذبو پاتو آهي. سالن کان ساهت، سنگيت ۽ ناٽڪ ڪلا کي پنهنجو سڀ ڪجهه ارپڻ ڪيو آهي. هن گهڻو ڪجهه ڏنو آهي پر وٺڻ جي تمنا نه رکي آهي، اهائي سندس وشواس جي خوبصورتي آهي.

-ڪيرت ٻاٻاڻي (ممبئي)

توري ۾ جيڪر ائين چئجي ته گوورڌن ڀارتي هڪ ڀرپور ڪلاڪار آهي يعني ته گيتڪار، ڪهاڻي ڪار، ناٽڪ ڪار، سنگيتڪار، نرتيه ڪار ۽ اداڪار آهي. سندس گيتن ۾ سُر ۽ لئه تاجي پيٽيءَ جيان سمايل هوندا آهن، جنهنڪري ڳائيندڙن کي اُهي ڳائڻ ۾ ڪا به پريشاني پيش ڪانه ايندي آهي.

-واسديو 'نرمل' (ممبئي)

گوورڌن ڀارتيءَ کي اڪثر ماڻهن، فلمن، ناٽڪن، سنگيت روپڪن ۽ گيتن جو شاعر سمجهيو ويندو آهي، پر سچ ته هو اُنهن سان گڏ، سنڌي شاعريءَ ۾ موڙ آڻيندڙ شاعرن مان به هڪ مکيه شاعر آهي. سندس وايون جي پياري ٻوليءَ ۽ روانيءَ ۾ هن سان شايد ئي ڪو سنڌي ڪوي برميچي سگهندو، خود نارائڻ شيام به نه، جيڪو ڀارتيءَ جي شاعريءَ جو رهبر آهي. ڀارتيءَ جا شعر اهڙا آهن، جو اُنهن کي پڙهندي پڙهندي، گُنگناهٽ پنهنجو پاڻ شروع ٿي وڃي ٿي، جيڪا گُنگناهٽ سنت ئي سنگيت يعني ڳائڻ جو روپ اختيار ڪري ٿي.

اَديب دوستن جي نظرن ۾
گووَرڌن ”پارتي“

گووَرڌن جو سڀاءُ رلڻو ملڻو آهي. هُو ڪنهن به محفل ۾ گهڻو وقت ڌاريو نه رهي سگهندو. هُو راڳ ڳائيندو، طرزون جهنڪاريندو، مزي ۾ ايندو ته ٽپا به ڏيندو، ڪلندو ڏوراپا به ڏيندو. هلندي ڳائيندي نوان گيت رچيندو. هُو ٽئگور جي شروعاتي ناٽڪن جي اُنهن ڪردارن جيان آهي، جن زندگيءَ کي راڳ ۽ ناچ دوارا ئي پاتو آهي، جن زندگيءَ جي مڌرتا کي پنهنجي جيوَن جي پيالي ۾ لبالب ڀري ڇڏيو آهي. پر ٽئگور جا اهڙا ڪردار به ٻاهريان ڪلندي، اندر زهر جو پيالو پيئندا آهن.

-ڪرشن کٽواڻي (اِندور)

گووَرڌن ڀاڻي شاعر به آهي، ناٽڪ ڪار به آهي، ڪهاڻي نويس به آهي ۽ سنگيتڪار به آهي. هُو صحيح معنيٰ ۾ ليکڪ-ڪلاڪار آهي. برک ۽ نهايت لوڪ پريه. سنگيت ڪانسواءِ نرتيه ڪلا جي به گووَرڌن کي چڱي ڄاڻ رهي آهي. سنگيتڪار، هدايتڪار ته سڀنئين ۾ هڪڙو ئي آهي- گووَرڌن ڀارتي.

- گوبند ’مالهي‘ (ممبئي)

انيڪ سالن کان وٺي سنڌي ڀاشا جو هيءُ لوڪ پريه شاعر، گيتن جا موتي ميڙي زندگيءَ کي دان ڪندو رهيو آهي، موت ۾ زندگيءَ ڪيس ڇا ڏنو؟ گهايل من، جهريل جيءُ، اڻ ڳڻيا غم، به تي مسڪراهٽون. ساهت جي کيتر ۾ هُو ڪوي آهي، ڪهاڻيڪار آهي، ناٽڪ نويس آهي. ڪلا جي کيتر ۾ هُو اداڪار آهي، نرتيڪار آهي، هدايتڪار آهي، چترڪار آهي. هر ڪار ۾ هن سِڪو ڄمايو آهي، پوءِ به هن جيڪا ڏيڻ جي ڏات پاتي آهي، سو ڏيندو ئي اچي، ڏيندو

گوورڌن ڀارتي سنڌي سنگيت ميه شاعريءَ جو لوڪپريہ شاعر آهي. سندس شاعريءَ جو سنگيت سان گهڻو سنبنڌ آهي. سندس شعر جي لفظن ۾ تہ سنگيت هوندو ئي آهي پر خيالن ۾ بہ سنگيت جي جهنڪار ٻڌبي آهي. سندس شاعريءَ سنگيت کان ڪجهہ پاتو آهي تہ سنگيت کي گهڻو ڪجهہ ڏنو بہ آهي. هوُ جيترو پڙهيو ويو آهي، اُن کان وڌيڪ ڳاتو ويو آهي.

-ڪرشن 'راهي' (ممبئي)

وقت کي وڏي معنيٰ تڏهن ملي، جڏهن گووَرڌن سنڌي فلمن لاءِ لکڻ شروع ڪيو. گووَرڌن سنڌي گائڪيءَ کي تمام گهڻا گائڪ ڏنا آهن. گووَرڌن لڳ ڀڳ سيني سنڌي فلمن لاءِ گيت لکيا آهن. سنڌي ڪلچر ۾ گووَرڌن جو يوگدان تمام وڏو آهي، شايد ايترو ٻئي ڪنهنجو بہ نہ آهي. هُن کي گيت، سنگيت، ساز، آواز، ردم، ترتيب، لفظن جو لفظن سان جڙاءُ، واسطو، معنيٰ، هر ڳالهہ جي، بيحد جهيڻي جهيڻي ڄاڻ رهي آهي. اهڙيون ڪيتريون ڳالهيون هُن مون سان، ڪن خاموش گهڙين ۾ ڪيون آهن، مان سوچيندو آهيان، هُن ڪيتري نہ محنت ڪئي آهي. ڪيئن ڪيئن نہ پاڻ کي Apply ڪيو آهي. اِهو سڀ تڏهن ممڪن ٿو ٿئي، جڏهن من ۾ ايڏو لڳاءُ هجي، پنهنجي ڪم لاءِ. سچ هُن ڪم ڪيو آهي، ڪم کي ڪم سمجهيو آهي.

فلمن لاءِ گيت لکندي، مشهور سنڌي فلمي سنگيتڪار، سي- ارجن سان، هِن جي جوڙي ٻڌي رهي. گووَرڌن جي فلمي گيتن ۾ بہ ساهتڪ جهلڪيون ملن ٿيون. مون کي لڳندو آهي تہ فلمي گيتن ذريعي سنڌي ادب کي ڪي نوان لوڪ گيت مليا آهن. سندس اِهو يوگدان خوش آمديد چوڻ جهڙو آهي.

-ارجن حاسد

شهتوتي چپ روپڪ استعمال ڪري، شاعر ثابت ٿو ڪري تہ هو عام طرح رواجي شاعر ناهي. شهتوت ڳاڙها يا ڳلابي ٿيندا آهن، سواد ۾ مٺا آهن. بہ شهتوت هڪ ٻئي مٿان ملائي رکبا، تہ اُنهن ۾ پريمڪا جي ڳلابي ۽ مٺن چپن جو چٽر اُڀري ٻهندو. اهڙيءَ طرح هن ٻيءَ وائيءَ ۾ پيار پريا ”پڪراجي پل“ مصرع لکي آهي، هن مصرع ۾ لفظن جي تجنيس (alliteration) يا انپراس آهي. پڪراجي پل هڪ پيارو روپڪ آهي ۽ پوري مصرع ۾ هڪ بہ ماترا ڪيرائي نہ وئي آهي. ڳوَرڊن جي واين ۾ لڳ پڳ هرڪا سِٽ ڪنهن نہ ڪنهن النڪار سان پري پيئي آهي. هاڻي هن بند تي ٿورو غور ڪيو وڃي:

هانوَ مٿان هٿڙن هر ڪيڙيا،
ڦٽڪي ڦٽڻ لڳا امرت ڦل.

اِستريءَ جي پرپور سيني تي هٿن سان هر ڪيڙڻ ۾ هڪ نئون اصلوڪو خيال سمايل آهي. هر ڪيڙڻ سان، امرت ڦل ڦٽڪڻ ۽ ڦٽڻ لڳن ٿا. هي لفظ ۽ چٽر من ۾ هڪ انوکي ڳدڳدي ٿا پيدا ڪن. ملن جي رات جي هيءَ تصوير ڏيان ۾ آڻڻ جهڙي ۽ نہ وسرڻ جهڙي آهي.

مرڪي، ڪرڪي، سرڪي، چِرڪي،
سيج ڪيا سنڌر سان چل ول،
مينديءَ رتڙي رات ملڻ جي.

پنهنجن شعرن ۾، خاص ڪري ڳيتن ۾، پارتيءَ انيڪ پيارا ٻٽا شبد جوڙيا آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي سونهن ۾ اِضافو ڪن ٿا. جيئن تہ ريشمي رات، ريتيلي پياس، لاچار لفظ، اپاهج ارٿ، شهتوتي چپ، انڌي اُڄ، پڪراجي پل، ڪنواري ڪوتا وغيره.

-هري 'دلگير' (آديپور)

ڪي سوال - ڪي جواب

سوال : توهان لفظن ڏانهن ڪهڙن مائل ٿيا؟

جواب : لفظن ڏانهن مائل ٿيڻ هر انسان لاءِ نهايت لازمي آهي. لفظ ٻوليءَ جا ٻج آهن ۽ ٻولي هڪ ٻئي سان ڪميونيڪيشن (Communicatoin) جو سولو ۽ بهترين ذريعو آهن. هڪ شاعر لاءِ ته ”شبد ۾ هڪ شعلو پريل آ / لفظ / هرهڪ لفظ ۾ آلات / ٻولڻ سان لهي ٿي بات.“

سوال : رچنا جو ٻج توهين ڪهڙي نموني حاصل ڪندا آهن؟

جواب : شروعاتي دور ۾ پيڙا منهنجي پريرڻا هئي، پر پوءِ دل تي دماغ ٻه حاوي پوڻ لڳو. بهرحال رچنا مون لاءِ احساس جي شدت، اُمنگ جي اُڇل ۽ ڪلپنا جي اُڏام جو گڏيل عمل آهي.

سوال : ڪي اهڙيون رچنائون جيڪي توهانکي بهتر لڳنديون هجن؟

جواب : پنهنجيون ٻه ڪهاڻيون ”سوني“ ۽ ”رسالي جي وچ ۾ چيپاٽيل گلاب“ مون کي بهترين لڳنديون آهن. ”تنهائي ۽ ڪوڙو دونهون“ مونکي گهڻو اطمينان ڏيندو آهي. آن جي هڪ ڪويتا ”سرد سفر“ جي هر سٽ مون لکي ناهي، پر جي آهي.

سوال : سرجڻ پويان توهانجو مقصد؟

جواب : ڪلا مونکي ورثي ۾ ملي آهي. ڪو فني جنون آهي، جنهنجي زير اثر سان لکان ٿو. منهنجو لکڻ منهنجي پاڻ سان جذباتي ڪيفيت کي تسڪين بخشي، اهو منهنجي لکڻ جو مقصد آهي.

پوءِ بہ اِئين آهي تہ گووَرڌن جو نرتيہ ناٽڪائن ۾ پنهنجو هڪ خاص اسٽائيل آهي. نرتيہ جا ڌراتل پل ڏاريا هجن، هُن اُنهن کي سنڌيءَ ۾ ڦباِيو آهي. شايد گووَرڌن ئي هڪ اهڙو نرتيہ ناٽڪا جو خلقيندڙ آهي، جنهن وٽان سنڌيءَ کي وڏو ذخيرو مليو آهي. لکيت توڙي هدايتڪاريءَ جي روپ ۾، پر اُهو ڇاپي ۾ نہ آيو آهي.

سنگيت جي اِستعمال جي خوبِي اِهو بہ ظاهر ٿي ڪري تہ گووَرڌن جو روح سنگيت کان جدا ناهي. پوءِ پل اُهو پيڙا پرڌان هجي. شايد سريشٽ سنگيت جي اُتپتي اِنتها دک/پيڙا مان ئي ٿي آهي. گووَرڌن جي نجي اندر جو سُر بہ اِت واضع ٿئي ٿو تہ هوُ پنهنجي سَوَ کي بہ اِظهاري ٿو. ڪٿ ڇا اچڻ ڪپي يعني گفتگو، شعر، سائونڊ افيڪٽ، قصي جو اڳيان وڌڻ، اُتار چڙهاءُ - اِهو ڄاڻو بہ گووَرڌن جو پنهنجو آهي. ڇا تہ وڻندڙ انداز آهي. سنگيت روپڪ ۾ جيترِي اهميت سنگيت جي آهي، آواز جي آهي، اوترِي ئي اهميت Pitch جي آهي. آروہ آوروہ جي آهي. گووَرڌن جو هٿ اِن تي بہ صاف آهي.

منهنجو جنم ٿئي، تنهن کان اڳ شايد گووَرڌن پنهنجو اداڪاريءَ وارو دور پورو ڪري چڪو هو. ڇهن سالن کان 17 سالن جي عمر تائين جو اُهو عرصو رهيو.

پر ڪجهہ صحت ڪري يا ڪجهہ حالتن ڪري گووَرڌن لڳي ٿو اداڪاريءَ خواہ هِدايتڪاريءَ منجهہ پنهنجو ڪو مخصوص اِسٽائيل يا ٿئيٽر غلقي ڪونہ سگهيو. اِها منهنجي جاچنا آهي. اِهو بہ ڪارڻ ٿي سگهي ٿو تہ هن بعد ۾ ساهتيہ جي ڪيترين ئي صنفن ۾ لکڻ شروع ڪيو. خاص ڪري شاعريءَ ۾. اِنڪري سندس ناٽڪ مُسلسل نہ رهيو. ناٽڪ - سوچ جو سفر نهايت اِتفاقي رهيو.

-ڊاڪٽر پريم پرڪاش

گوورڌن ”پارٽيءَ“ جي رچنائن جا اَنش

● سرجن : هڪ خاص ڳالهہ ڏيان سان ٻڌو. جيئن عام طرح جسماني سرشتي ۾ پوشٽڪ پدارٿن يعني وٽامنس جي ڪميءَ سبب ئي مرض مُنهن ڪڍندو آهي، تيئن اوهانجي روڳ جو ڪارڻ آهي اوهانجي روحاني سرشتي ۾ هڪ مُکيہ تتوَ جو اَڀاءُ!

يُوَراج : (حيرت مان) روحاني سرشتي جو مکيہ تتوَ؟

سرجن : ها. اُهو مکيہ تتوَ آهي ”اِنسانيت“!

لالا : اوهو!

سرجن : اوهان ٽنهي ۾ اِنسانيت جي کوٽ آهي. لالاجي! اوهان پنهنجيءَ اِنسانيت کي ڪُچلي، وويڪ ۽ آتما جو گلو گهٽي پئسي لاءِ هر طرح جو پاپ ڪيو آهي. اِهو پئسو ئي اوهانجي دماغ جو بار بڻجي پيو آهي. يوَراج صاحب! اوهان پيار جو مذاق اُڏايو آهي. پيار دل جو هڪ پاڪ جزبو آهي. پر اوهان پنهنجي حوَس ۽ ناپاڪ اِرادن سان حسن ۽ محبت جي نالي تي داغ لڳايو آهي ۽ پنڊتجي! اوهان ڌرم جي آڙ ۾ صرف پنهنجي پيٽ پوڄا جو خيال رکيو آهي. (جزباتي نوع ۾) اِنسانيت جو اَڀاءُ! (ڪن ترسي) اوهان ٽنهي جو علاج هڪ اِنجيڪشن سان ٿيندو. (اِشارو ڪري) اَسسٽنٽ!

اَسسٽنٽ : ييس سرجن! (اَسسٽنٽ هڪ سِرنج کڻي اچي ٿو.)

يُوَراج : (حيرت مان) ڊاڪٽر! هيءُ ڪهڙو عجيب اِنجيڪشن آهي؟

سرجن : هن اِنجيڪشن جو نالو آهي ”اِنسانيت جو اِنجيڪشن.“

لالا : (حيرت مان) اِنسانيت جو اِنجيڪشن!

پنڊت : (حيرت مان) اِنسانيت جو اِنجيڪشن!

يُوَراج : (حيرت مان) اِنسانيت جو اِنجيڪشن!

— سُرڳ جو سرجن (ايڪانڪي)

سوال : اِنعامن جو مانسڪتا تي ڪهڙو اثر پيو آهي؟

جواب : اِنعامن کي مون فقط ايتري اهميت ڏني آهي تہ اِنعام-يافتہ ليکڪ کي شاعر کي هڪ قسم جي تسليمي ملي ٿي، باقي سندس معيار تي ڪو فرق ڪونہ ٿو پوي. ڪن جو اِهو پرم آهي تہ اِنعام ملڻ سان ليکڪ جو اُتساهہ وڌي ٿو ۽ سندس لکڻ بهتر ٿئي ٿو. ريل ڇيل اِنعام پاڻ ڪڏهن ڪڏهن پريشاني پيدا ٿا ڪن. ٻيو اِنعامن مان اِهو نقصان ٿيو جو حقيقي تنقيد بدران بغض ۽ تعصب پيدا ٿيو آهي، باهمي اوشواس پيدا ٿيو آهي اديبن ۾.

سوال : ساهتيہ اڪادمي جي اِنعام حاصل ڪرڻ وقت توهان ڇا محسوس ڪيو؟

جواب : منت اڌ لاءِ خوشي، پوءِ تناءُ ۽ سوچ تہ اڪادمي اوارڊ سان مونکي تسليمي تہ ملي پر منهنجي شعوُر ۾ ڪهڙو اِضافو آيو؟

سوال : ڇا اڪادميون ۽ سرڪارِي ادارا سنڌِي ساهتيہ، ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ کي اوُچ ڏيئي سگهن ٿا؟

جواب : ڇو ڪين؟ اڪادميون ۽ ادارا ان لاءِ ئي تہ برپا ڪيا ويا آهن پر اجا تائين انهن ساهتيڪارن / ڪلاڪارن ۾ پيدياوُ، ساڙ، حسد ۽ قوُت پئدا ڪئي آهي. انهن جي مقصد، نيمن يا قاعدن قانونن ۾ ڪمي تہ ڪانهي مگر انهن جي ڪاروبارين ۽ نيمن کي لاڳو ڪرڻ جي طريقي (Implementation) ۾ ڪٿي نہ ڪٿي ڪا ګڙٻڙ ٿي وڃي ٿي. اختياريءَ وارا، ساهتيڪار ۽ ڪلاڪار بہ آخر اِنسان ئي تہ آهن ۽ ڇوندا آهن تہ اِنسان خطا جو گهر آهي.

(ڊولڻ ”راهي“ ۽ جيٺي لعلواڻيءَ پاران ورتل ملاقات مان ڪوريل)

مان چوندس، ”نہ....!“

”پيڻ تئي؟“

”بلڪل نہ!“

”ساهيڙيِ تئي؟“

”هرگز نہ!“

”تڏهن؟“

اسان ٻنهيِ جو ناتو اڃا بہ وڌيڪ ويجهو آهي. وڌيڪ گهرو! مان جيڪر اِئين چوان تہ سُشما منهنجي آتما جو اَنگ آهي. توهين ٺٺوليِ ڪري چوندا، ”آهاها، ڪهڙو نہ سهڻو جواب! نيٺ بہ تہ شاعر آهين!“

جي ها! مان شاعر آهيان، شعر رچيندو آهيان، ڳائيندو آهيان، ستار وڄائيندو آهيان. تڏهن تہ منهنجو سُشما سان ۽ سُشما جو مون سان ايڏو سنيهہ آهي.

— پيلو چنڊ - لال داغ (ڪهاڻي)

● ڪمپائونڊ جو لوهيِ ڦاٽڪ اڃا کُليو ناهي. پنجاهہ سالن جو ٻڍو جيڪب ترڙي ڪڪڙ وانگر ڳچيِ سيٽي ڦاٽڪ وٽ جڻ پهرو ڏيئيِ رهيو آهي. هيءُ جيڪب بہ ڪو عجيب چريٽ آهي. ٺنگون ڊگهيون سنهيون، ڏڙ چوٽو، مٿو ويڪرو، مُنهن ۾ ڪڏون، (جڻ ڪنهن رٻڙ جي بال کي ٺنگ ڪري اُن مان هوا ڪڍيِ ورتيِ هجي) ڏاڙهيِ مُڇون چٽ، اکين تي بيضوي شيشن واريِ عينڪ، خاڪيِ بريچز، اَڌوراڻو هنٽنگ ڪوٽ، چنل ميرو پولو هيٽ! جهڙو تاس جو تيوَنجاهون پتو! ڪوٽ جي مٿئين کيسي ۾ اَڌ صديِ اَڳ جيِ واچ پيل اَٽس.

— ممتا جون مورتيون (ڪهاڻي)

● هيمي : (ڏڪندي) مان سمجهان ٿي ته تون موت نه پر ڪو .... چ .... چ .... چور يا ڌاڪوُ آهين.

ڪشور : غلط، سراسر غلط. مان موت آهيان، موت! هر چيز جي هستيءَ کي مِٽائڻ وارو موت! (ٺهڪ ڏئي ٿو) منهنجيءَ هڪ ئي ڪهرِي نگاه سان چوطرف هاهاڪار ڇانئجي ويندو آهي! (بادلن جي شور جو آواز) منهنجيءَ هڪ ئي هونگار سان سهسين طوفان اُٿِري اُٿندا آهن. (طوفان جو شور) منهنجي ڪروڌ سبب هڪ جڳهه ڀيانڪ شعولا ڀڙڪي اُٿندا آهن ۽ منهنجي قدمن جي ڀارِي بوجهه سبب ڀارِي ڀوُڪمپ ٿيندا آهن. (وِڄ جو ڪڙڪاٽ) ها ها ها ها ....

— بگڙيل گهر (ايڪانڪي)

● نيڪ اُن وقت هڪ ڇٽنگ اونده کي چيريندي هنجي سامهون اُڏامندي ويئي. هڪ وڏيڪ اڻ چٽو اِشارو!....

هنجي سارِي جواني پٽڪندي گذري هئي. من جي پٽڪ سندس تن کي به پٽڪائيندي رهِي هئي. هڪ عجيب اُلجهن ڪيس سالن کان پيڙي، نچوڙي رهِي هئي .... ۽ اڄ اُن اُلجهن ۾، اُن پٽڪ ۾ هوُ هن اڻ جاتل اِسٽيشن تي اوچتي لهِي پيو هو.

— وارِيءَ جو ڪمل (ڪهاڻي)

● اوهين ضرور پڇندا، ”سُشما تنهنجِي ڇا لڳي؟“

مان ڀونگي ناهيان ۽ نه ورِي ڀونگي ٿيڻ چاهيان ٿو، پر تڏهن به مان چپ رهندس.

اوهين ٻيهر سوال ڪندا، ”ڇا سُشما تنهنجِي پريتما ٿئي؟“

٣- چِناءُ!

ڪِرڻن جي ڪچن ڌاڳن مان
جوڙي نازڪ پينگهہ
لڏن وينا هيءُ منهنجا گيت!

گلڙن جي شبنمي گليءَ مان
پوپٽ وانگر
ڪٽي سڻهن سُرهاڻ
اُڏامن ٿا هيءُ منهنجا گيت!

مِنن سُريلن نرم چپن تي
لِڪ ڇپ لِڪ ڇپ راند
رچائن ٿا هيءُ منهنجا گيت!

اِنهن کي
اي نقادو!
اي ساهت جا ٺيڪيدارو!!
مٺان ڇُهو ٿاندن سان!!!

٤-

رُئح نہ رڻ، ريتيلي پياس،
آهيان ازلئُون آءُ اُڃايل!
نظرُون رهيون نپٽ نيرانيون،
اَکڙين روز کيا اُپواس،
آهيان ازلئُون آءُ اُڃايل!
آگ لڳي ڪا ارمانن کي،
دُونهان ٿيا دل جا احساس،
آهيان ازلئُون آءُ اُڃايل!
اُڃ اَجهل آ، ڪين رهي ڪا،
وِش يا امرت جي بہ شناس،
آهيان ازلئُون آءُ اُڃايل!
رُڃَ رُڃ سپ ساگر مون لڌ،
سُڃ سُڃ ست ئي آڪاس،
آهيان ازلئُون آءُ اُڃايل!
ڪير ٻُڌي ۽ ڪير پڪاري؟
ٻوڙا گُونگا هوش حواس،
آهيان ازلئُون آءُ اُڃايل!
چوليُون پل ڦهلائن جهوليُون،
لهرُون پائن لڪين لِباس،
آهيان ازلئُون آءُ اُڃايل!
گل جي خوشبوءِ خاڪ لڳي ٿي،
سڪٽا سَروَ لڳن مڌماس،
آهيان ازلئُون آءُ اُڃايل!
پِراڻ تہ جڻ پاڻيءَ بن مڇليون،
پياسا هرڻ، اُساٽيل سواس،
آهيان ازلئُون آءُ اُڃايل!

گووَرڌن جون عيوضي ڪوِيتائون

١- گيتن جا موتي

جڳ ميڙيا تامي جا ٽڪرا،
مون ميڙيا گيتن جا موتي!

(١)

دنيا دک کي دک ئي ڄاتو،
پر مون دک جو مرم سڃاتو،
سک جي نازڪ نووراني کي
پهرايم پيڙا جي پوتي!

(٢)

جڏهن منهنجيءَ پياس پڪاريو:
ڪجهه نہ پيئاريو، ڪجهه نہ پيئاريو،
تڏهن سپنن جي ساگر ۾
چنڊ اڇي چانڊوڪي اوتي!

(٣)

منهنجو جيوَن جل جي ڌارا،
دک ۽ سک جنهنجا ٻہ ڪنارا،
سهسين سورج، چنڊ، سِتارا،
گويا منهنجي جيوَن - جوتي!

٢- هاءِ زندگي!

هاءِ زندگي، ڪن چانڊوڪي،
باقي آنڌي، مينهن، جهڙاليون،
سيني منهنجي مُرڪ ڏني آ،
پر نہ ڏنيون ڪنهن اکڙيون آليون!

(١)

دک تو گهيري، مان تو ڳايان،
مُرڪ اندر تو لُڙڪ لڪايان،
چلڪڻ ڪين ڏيان تو ڪڏهن،
پنهنجن نيڻن جون پُر پياليون!

(٢)

ڪنهن سان دل جو دک نہ سليان تو،
هاءِ! پاڻ کي پاڻ ڇليان تو،
عقل نہ آهي ڀهروپي، پر
دل جون ڳالهيون پوليون پاليون!

(٣)

پل پل جن کي پيار ڪيم ٿي،
جن کي جيءَ جو هار ڪيم ٿي،
اڄ نہ ڏسڻ ٿيون چاهين تن کي،
منهنجون هيءُ اکڙيون ڳوڙهاليون!

(٤)

”مان ڇا آهيان، مان ڇو آهيان؟
ڇا ٿو چاهيان، ڇو ٿو چاهيان؟“
آءٌ پاڻ کان پڇندو رهندس،
ڪيسين هيءُ ڳالهيون پوراليون؟

جنگ ۽ اَمن

جنگ ڇا لاءِ؟ جنگ ڪنهن لاءِ؟ جنگ ڇاهي؟
ڪو ڇريو، پاڳل، جنوني - زندگيءَ جو گيت ڍاهي
خون مان ٻوڙي قلم
ڇا لاءِ مٿس تو موت جو مرثيو لکڻ چاهي؟
گيت ۾ برسات بدران باهه ۽ بارود وسائي
جوانيءَ جي چمنَ جا قول ٽوڙي
پيار جي پيرن اڳيان ڪنڊا وِڇائي!
جنگ ڇا لاءِ؟ جنگ ڪنهن لاءِ؟ جنگ ڇاهي؟

سينڌ ۾ سِندور بدران لاٽ
نيڻن ۾ ڪاجل بدران دونهون ۽ ڀاٽ
ٻارن جي چپن تي مُرڪ بدران روڄ راڙو
لاش ڌرتيءَ جو ڇتيل، ڇڇريل، اُگهاڙو
قبر گهر گهر، هر گهٽيءِ شمشان، قبرستان،
هاءِ ڙي، اِنسان - جڻ حيوان يا شيطان!

جنگ لاءِ نفرت جوانن جي اکين ۾ مون ڏٺي،
جنگ لاءِ نفرت ڪسانن جي اکين ۾ مون ڏٺي،
جنگ لاءِ نفرت سُهاڳڻ جي اکين ۾ مون ڏٺي،
جنگ لاءِ نفرت ڌهاڳڻ جي اکين ۾ مون ڏٺي!

جنگ ڇا لاءِ؟
اَمن چاهي چنڊ جي چانڊاڻ تي،

-۵

پيار پَريا هيءُ پُڪراجي پَل،
ميندِيءَ رتڙِي رات ملڻ جي!
نرم نگاهن جي چوڌارِي،
ڪارِي بانهن وَرائِي ڪاجل،
ميندِيءَ رتڙِي رات ملڻ جي!
ماڪِيءَ جهڙن مِنن چپن سان،
ڳجهڙيون ڳجهڙيون ڳالهيون ڪن ڳَل،
ميندِيءَ رتڙِي رات ملڻ جي!
هانوَ مٿان هٿڙن کر ڪيڙيا،
ڦٽڪي ڦٽڻ لڳا اَمرت ڦل،
ميندِيءَ رتڙِي رات ملڻ جي!
اُپريا اُرهه اَندر اِئن اُڌما،
ڪڪر ڏسي جئن ڪوُڪي ڪويل،
ميندِيءَ رتڙِي رات ملڻ جي!
مُرڪي، ڪُرڪي، سرڪِي، چِرڪي،
سيج ڪيا سنڌر سان چل وَل،
ميندِيءَ رتڙِي رات ملڻ جي!
وٽڙيا وار، چگون چهري تي،
چانيا چنڊ مٿان جڻ بادل،
ميندِيءَ رتڙِي رات ملڻ جي!
اَنڌِي اُج ڏسي موُمل جي،
اوتي سيتل اَڳني سوڍل،
ميندِيءَ رتڙِي رات ملڻ جي!
برسي بجلِي چمڪيا بادل،
تار ٿيا ٿر بر جهڙ جهنگل،
ميندِيءَ رتڙِي رات ملڻ جي!

-٦

هاءِ هٿن مان ويئِي ترڪي،
رات ريشمِي، رات ريشمِي!
اونده ڪان نه ڊني تاريڪي،
مگر اُجالي ڪان وئِي چِرڪي،
رات ريشمِي، رات ريشمِي!
رنگ ۽ روپ، جوانِيءَ تي هو،
اهڙِيءَ ويل وئِي چو ڊِرڪي،
رات ريشمِي، رات ريشمِي!
جهٽي ويئِي هڪ ئِي جهڙپ ۾،
سِڄ جي باز اَکيان جڻ جهرڪي،
رات ريشمِي، رات ريشمِي!
زهر پيري ويئِي نس نس ۾،
سَرپڻ وانگر سرڪي سرڪي،
رات ريشمِي، رات ريشمِي!
ڪئن نه ڪوڙه ۾ وئِي وچڙجي،
چنڊ وَڏيو هن ڏي جئن هرکي،
رات ريشمِي، رات ريشمِي!
چاندوڪِيءَ ۾ ٽُڙڳِي تارن،
ڳهوتا ڪاڏا ڳِهرڪي ڳِهرڪي،
رات ريشمِي، رات ريشمِي!
لڄ لالچ لال لال ٿِي، جئن ئي،
ڪولي پِرهه اُفق جي ڪڙڪي،
رات ريشمِي، رات ريشمِي!

”سور جڳون سؤ صؤرتون“ ناول مان.....

ڏاري ۽ ڪان پوءِ موسم بدلجڻ لڳي آهي ۽ موسم سان گڏوگڏ بدلجي رهيو آهي ڪوماپيتا جو سڀاءُ! موسم ڏينهون پوءِ سرد ٿي رهي آهي مگر ڪوماپيتا جو مزاج اُلٽو گرم! شايد اهو سڀ ڪيس مفت ۾ مليل گرم ڪپڙن جو تاثير آهي. قاتل ڪڙتي ۽ ميريءَ ڏوتيءَ کي هن ڪڏهوڪو تلانجلي ڏيئي ڇڏي آهي. اُن بدران هُو منهنجي دوست تيرٿ جي ڏنل اڇي قميص، ڪارو گرم ڪوٽ، اڊورائي اُوني پئنٽ ۽ ڪشميري ٽوپي پائي، هٿ ۾ لٺ کڻي، وارڊ جي ورانڊي ۾ سڄو ڏينهن اچ وڃ ڪندو آهي. صبح جو سيني مريضن جي سامهون زمين تائين جهڪي، ڪين پرڻام ڪرڻ بدران هاڻي هُو سينو تاڻي، ٻڇي سيٽي، سولجر وانگر سلام ڪندو آهي. هر آرتوار تي مون وٽ ڪئين عزيز، دوست ۽ واقفڪار ايندا آهن. سندن سنيهه ۽ اُداردليءَ سبب مون وٽ منابن ۽ ميوَن جو ڍير لڳي ويندو آهي. اڪيلو جيئُ ڪيترو کائي ڪيترو کائيندو؟ اِنڪري مان منابن ۽ ميوَن جو ڳپل حصو، ساٿي مريضن ۾ ورهائڻ لاءِ ڪوماپيتا کي ڏيندو آهيان. ڪوماپيتا اهي شيون ورهائڻ وقت اهڙو ڏيکاءُ ڪندو آهي ڄڻ گويا انهن منابن ۽ ميوَن جو هُوئي مالڪ آهي ۽ اهي چيزون ورهائي، هُو ساٿي مريضن تي وڏو احسان ڪري رهيو آهي. ڀيمي، چنديرام، نوُر محمد ۽ فقيري ۾ ته هاڻي هنجي اَک ئي نٿي ٻُڏي. آينگر ۽ شرما صاحب سان به هُو خنڪيءَ سان ڳالهائيندو آهي. راڌي شيام لاءِ ته هن کي سخت چڙ آهي. پر هُو سيني کان وڌيڪ نفرت جي نگاهه سان نهاريندو آهي ڪروسيڊ وارڊ جي آخرين ڪمري ۾ رهندڙ جينٽلمين ڏانهن. هر صبح ۽ شام جو جڏهن اُهو جينٽلمين قيمتي فل سوٽ پائي، اَکين تي ڪارو چشمو لڳائي، ڪڇ ۾ لڪڙي ٽُنبي، ريلوي وارڊ وٽان لنگهندو آهي ته ڪوماپيتا جو چهرو حقارت وچان ڇهو ٿي ويندو آهي.

•

جنگ ڪنھن لءِ؟
اَمن چاھي قَوُل جي سُرھاڻ تي،
جنگ ڇا لءِ؟
اَمن چاھي راڳ ۽ آواز تي،
جنگ ڪنھن لءِ؟
اَمن چاھي سونھن، سُر ۽ ساز تي،
جنگ ڇا لءِ؟
اَمن چاھي ڪنوار جو سينگار تي،
جنگ ڪنھن لءِ؟
اَمن چاھي سڄو سنسار تي!
جنگ ڇا لءِ؟ جنگ ڪنھن لءِ؟ جنگ ڇاھي؟

اَمن تي خود لھوءَ جي ڏار چاھي،
جنگ ڇا لءِ؟ جنگ ڪنھن لءِ؟ جنگ ڇاھي؟

اَمن تي اڄ توب ۽ تلوار ڇاھي،
ٻار ڪي، سنسار ڪي، اڄ توب ۽ تلوار ڪي،
جنگ بدران، امن گھرجي،
اَمن گھرجي، امن گھرجي،
اَمن - مندر
اَمن - مسجد
اَمن - گِرجا!

گوورڌن ڀارتي: فن ۽ شخصيت

هدايتڪار - نرتيہ ناٽڪائون :

1- ليلا چنيسر - دڪايل (سنڌي)
2- ليلا چنيسر - دڪايل (هندي)
3- مومل راڻو - شيام (سنڌي)
4- عمر مارئي - ڀارتي (سنڌي)
5- سهڻي مهيار - ڀارتي (سنڌي)
6- سُگنا ٻائي - ڀارتي (سنڌي)
7- پنج پير - ڀارتي (سنڌي)
8- ڊالي ٻائي - ڀارتي (سنڌي)
9- آسري ٻائي - ڀارتي (سنڌي)
10- واسودتا - اُپ گيت
- دلگير (سنڌي)
11- واسودتا - اُپ گيت
- دلگير (هندي)
12- تي ۽ نہ جدا جاني مون ڪان
(سنڌي)
13- سنڌو (سنڌي)

گراموفون رڪارڊ (Gramophone Records)

1- پيڪي هلي ويندي سان ۽ (سترام روهڙا ۽ ڀڳونتي ناواڻي)
TEPE - 1561

2- مرچو ۽ ماءُ — TEPE - 4052

3- جهولي جهولڻ شاه (مهيندر ڪپور ۽ ڀڳونتي ناواڻي)
TEPE - 4131

4- گهوٽ ڪنوار جو جهڳڙو (سترام روهڙا ۽ ڪملا ڪيسواڻي)
TEPE - 4193

5- چندرو آتما — TEPE - 4183

6- ڪملا ڪيسواڻي — TEPE - 1397

7- ساجن سجني — TEPE - 4279

رڪارڊ (Long Play Records)

1- سترنگي سنڌي سنگيت — ELSD - 2735

2- هي ۽ سُر سنڌو ۽ جا — ELSD - 2790

3- شادي ۽ جي شرنائي — S/45 - NLP-106

گوورڌن ''ڀارتيءَ'' جو ساهتيہ

نمبر	ڪتاب جو نالو	ڀاشا ۽ قسم	سنہ
1-	عمر مارئي	هنديِ ناٽڪ	1955ع
2-	گل ۽ مُڪڙيون	سنڌيِ ڪويتا	1956ع
3-	پيلو چنڊ - لال داغ	سنڌيِ ننڊيون آڪاڻيون	1966ع
4-	اُنا مينهن مَلير	سنڌيِ ڪويتائون	1966ع
5-	طوفانيِ رات (بگڙيل گهر)	سنڌيِ ناٽڪ	1972ع
6-	لاتيون	سنڌيِ ٻاراڻيون ڪويتائون	1958ع
7-	نئين بَستي	سنڌيِ ٻاراڻيون آڪاڻيون	1963ع
8-	پانڌيِ پراڻو - وات نئين	سنڌيِ ننڊيون آڪاڻيون	1972ع
9-	پيڪي هليِ ويڌيِ سانءِ	سنڌيِ مذاقيِ ڪويتائون	1970ع
10-	ڪاٺو ٻہ آگهاٽو	سنڌيِ مذاقيِ ڪويتائون	1970ع
11-	اڱڙين جا آڱوان	سنڌيِ مذاقيِ ڪويتائون	1973ع
12-	آءُ ڪنن ۾ ڪاهي	سنڌيِ ڪويتائون	1973ع
13-	اُڏر پکيِ اَلبيلا	سنڌيِ ڀڳتيِ گيت	1974ع
14-	ڪٿا اُڏيري لعل جي	سنڌيِ ڀڳتيِ گيت	1974ع, 1967ع
15-	لاٽريِ لکن جي	سنڌيِ مذاقيِ ڪويتائون	1976ع
16-	لاڏو لاڏيِ آٽيندو	سنڌيِ بيت	1975ع
17-	سنتن جو سردار ڪنوَر	سنڌيِ بيت	1976ع
18-	سون جهڙيِ ٻَچِليِ	سنڌيِ بيت	1977-78ع
19-	او راما پير	سنڌيِ بيت	1977ع
20-	تنهائيِ ۽ ڪوڙو دونهون	سنڌيِ هاڻوڪيون ڪويتائون	1980ع
21-	سنت ڪنوَررام	سنڌيِ فلميِ ڪتاب	1987ع
22-	شيشي جا گهر	سنڌيِ ڪويتائون	1988ع
23-	سوُر جوُن سؤ صورتون	سنڌيِ ناول	1997ع

राजस्थान के सिन्धी रचनाकार

प्रस्तुति-2

Goverdhan "Bharti" - Fun ain Shakhsiyat

गोवर्धन ''भारती'' - फ़नु ऐं शख़्सियत

संक्षिप्त परिचय

नाम : गोवर्धन आसूमल महबूबाणी ''भारती''

जन्म : 13 जनवरी 1929
गांव आराजी, तालूका सेवहण, जिला दादू (सिन्ध)

शैक्षणिक योग्यता: बी.ए. प्रभाकर (हिन्दी)

प्रकाशित पुस्तकें : 17 कविता संग्रह, 3 कहानी संग्रह, 1 उपन्यास

पुरस्कार व सम्मान : शिक्षा विभाग द्वारा ''नातियूं'' पर, केन्द्रीय हिन्दी निदेशालय द्वारा ''तन्हाई ऐं कौड़ो दूंहों'' पर तथा साहित्य अकादमी द्वारा ''शीशे जा घर'' काव्य संग्रह पर वर्ष 1990 का साहित्य पुरस्कार, प्रो. राम पंजवाणी लिटरेरी एण्ड कल्चरल सेन्टर द्वारा सम्मान व शील्ड, राजस्थान सिन्धी अकादमी का सर्वोच्च सम्मान ''सामी पुरस्कार'', दिल्ली सिन्धी अकादमी एवं अनेक संस्थाओं द्वारा विविध सम्मान

पता : भारती भवन, 33/424, पाल बीचला,
अजमेर-305007 (राज.)

राजस्थान सिन्धी अकादमी

जे-7, सुभाष मार्ग, सी. स्कीम, जयपुर